صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

# تعظيمِ مُصطفيٰ

## ۽ جشنِ ميلاد جون برڪتون



اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# تعظيمِ مُصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ جشنِ ميلاد جون برڪتون

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري ونندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

شافعِ اُمم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ معظم آهي: جيڪو شخص هن طرح دُرُوْدِ پاڪ پڙهي، اُن جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.

"اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ"۔

(الترغيب والترهيب،كتاب الذكر و الدعاء،٢/٣٢٩،حديث:٣٠)

پُوچھے گا مولیٰ ہے لایا کیا کیا میں یہ کہوں گا نامِ محمد (صلی اللہ علیہ وسلم)

رکھو لحد میں جس دَم عزیزو مجھ کو سُنانا نامِ محمد (صلی اللہ علیہ وسلم)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري ونون ٿا.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

۞ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ۞ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ۞ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ۞ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۾ اُٽڪڻ کان بچندس ۞ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوا الله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۾ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ۞ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ڪرڻ جون نيّتون

آئون بہ نِيّت ڪريان ٿو ۞ الله جي رِضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ۞ ڏسي بيان ڪندس ۞ سيپاري 14 **سورة النحل** آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِا لْحِكْمَةِ وَ الْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ



www.dawateislami.net

”ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجھ ۽ چڱي نصيحت سان“ ۽ بخاري شريف (حديث:4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّیْ وَلَوْ آیَۃ يعني ”منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي“ ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ✿ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ✿ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دوران دل جي اخلاص تي توجُّھ رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ✿ مَدَني قافلي، مَدَني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ✿ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ✿ نظر جي حفاظت بڻائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## حُضُور جي تَعظِيم بَخشِش جو سبب بڻجي وئي

حضرتِ سَيِّدُنَا وَهب بن مُنَبِّہ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ کان روايت آهي تہ بَني اِسرائِيل ۾ هڪ اهڙو شَخص هو جنهن پنهنجي زِندگي جا بہ سو (200) سال، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني ۾ گُذاريا، انهي نافرماني جي عالَم ۾ ان جو موت واقع ٿي ويو، بَني اِسرائِيل وارن ان جي مُردَہ جِسم کي ٽنگ کان پڪڙي ڪري گهيليندي گندگي جي ڍير تي اڇلائي ڇڏيو، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي نبي حضرتِ سَيِّدُنَا مُوسيٰ ڪلِيمُ اللّٰه عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي طرف وَحي موڪلي تہ ان شخص کي اُتان کان ڪڍو ۽ ان جي تَجهِيز ۽تڪفِين ڪري ان جي نَمازِجنازه پڙهو. حضرتِ سَيِّدُنَا مُوسيٰ عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جن ماڻهن کي ان جي مُتعلِّق پُڇيو، تہ اُنهن ان جي بَد ڪردار هئڻ جي گواهي ڏني، حضرت مُوسيٰ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ



www.dawateislami.net

وَالسَّلَام جن الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاه ۾ عرض ڪيو: ”يا رَبّ عَزَّوَجَلَّ! بَني اِسرائِيل تہ اِن (شخص) جي بَدڪردار هئڻ جي گواهي ڏئي رهيا آهن تہ ان پنهنجي زِندگي جا ٻہ سو (200) سال تنهنجي نافرماني ۾ گُذاريا آهن؟“ الله عَزَّوَجَلَّ حضرتِ سَيِّدُنَا مُوسيٰ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي طرف وَحي فرمائي تہ هي بيشڪ بَد ڪردار هو، پر ان جي هي عادت هئي تہ جڏهن بہ تَورات شريف پڙهڻ جي لاءِ کوليندو هو ۽ مُحَمَّد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي اسمِ گرامي جي طرف ڏسندو هو تہ ان کي چُمي کري پنهنجي اکين سان لڳائيندو هو ۽ اُن تي دُرُود پڙهندو هو، بس مون ان جي انهي عَمل جي قَدر ڪئي ۽ ان جي گُناهن کي مُعاف فرمائي ڪري ان جو نڪاح سترّ (70) حُورن سان ڪري ڇڏيو آهي.

(حِليۃ الاولياء،۴/۴۵،حديث:۴۶۹۵)

گناہ گار ہوں میں لائقِ جہنّم ہوں
کرم سے بخش دے مجھ کو نہ دے سزا یا ربّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ان ايمان اَفروزحِڪايت تہ اَهلِ اِيمان جي دِل ۽ دِماغ کي مُعَطَّر ڪري ڇڏيو، اهو شخص جيڪو ڏکهي عرصي تائين گُناهن ۾ مبُتلا رهيو ۽ انهي دوران نيڪين جي ويجهو بہ نہ ويو هو، پر صرف مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نالي جي تعظيم جي سبب سندس هي اِنْعام مليو تہ حضرتِ مُوسيٰ ڪلِيمُ الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن بحڪمِ خُداوندي ان جي تَجهيز وتڪفِين جو اِنْتِظام فرمايو، ان جا سابقہ تمام گُناه مُعاف ڪيا ويا ۽ اهو رَحمتِ خُداوَندي جو مُستَحِق (حقدار) بڻجي ويو. غور ڪريو تہ جڏهن حضرت سَيِّدُنَا مُوسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جو اُمَّتي نامِ مُصطفيٰ جي تَعْظيم جي سبب بخشش ۽ مغفرت جو حقدار ٿي سگهي ٿو تہ پوءِ اُمَّتِ



www.dawateislami.net

مُحَمَّدِيہ جو اهو شخص جيڪو پنهنجي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نہ صرف نالي جي تعظيم ڪري بلڪ سرڪارصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذات ۽ اُن سان نِسبَت رکڻ واري هرشيء جي تَعظيم ڪي لازِم ۽ ضروري ڄاڻي تہ پوءِ ان تي رَبّ تَعَالٰي جون ڪيتريون نہ بي شمار رحمتون نازل ٿينديون. گڏوگڏ هن روايت مان هي بہ معلوم ٿيو تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نالي مُبارَڪ کي تعظيم جي نِيت سان چُمڻ نہ صِرف جائز آهي بلڪ الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا ۽ خُوشنودي حاصل ڪرڻ جو ذريعو بہ آهي. ياد رکو! ايمان آڻڻ کان پوءِ تعظيمِ مُصطفٰي ئي مَطلوب ۽ مَقصُود آهي، حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عظمت ۽ مَحَبَّت تي ئي ايمان جو دارومَدار آهي. دَعْويء اِيمان جي لاءِ عظمتِ مُصطَفٰي جي اَهميت ۽ ضرورت تي ڪيتريون ئي آياتِ مُبارَڪ دَلالت ڪن ٿيون. جيئن تہ الله عَزَّوَجَلَّ سيپاري 26، سُوْرَةُ الْفَتْح، آيت نمبر 8 ۽ 9 ۾ اِرْشاد فرمائي ٿو.

اِنَّاۤ اَرْسَلْنٰكَ شَاهِدًا وَّ مُبَشِّرًا وَّ نَذِيْرًا ۙ﴿۸﴾ لِّتُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ وَ تُعَزِّرُوْهُ وَ تُوَقِّرُوْهُ ؕ وَ تُسَبِّحُوْهُ بُكْرَةً وَّ اَصِيْلًا ﴿۹﴾

(سيپارو:۲۶، الفتح:۸،۹)

**تَرجَمۂ کنز الايمان:** بيشڪ اسان توکي موڪليو حاضر ۽ ناظر ۽ خُوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري تہ جيئن اي انسانو توهان الله ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻيو ۽ رسول جي تعظيم ۽ احترام ڪريو ۽ صبح ۽ شام الله جي پاڪائي بيان ڪريو.

اعليٰ حَضرت، امامِ اَهلِسُنت، امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن هن آيتِ ڪريمہ جي متعلق جيڪو اِرْشاد فرمايو ان جو خلاصو هي آهي: مُسَلمانو! ڏسو الله عَزَّوَجَلَّ دِينِ اِسْلام موڪلڻ، قرآنِ مَجِيد نازل ڪرڻ جو مقصد تي (3) ڳالهيون اِرْشاد فرمائيون آهن: سڀ کان **پهريان** هي تہ الله ۽ رَسُول تي ايمان آڻڻ، **ٻيو**



www.dawateislami.net

هي تہ رَسُوْلُ الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تَعظِيم ڪرڻ، ٻيو هي تہ الله تَبَارَڪ وَ تَعَالٰي جي عِبادَت ڪرڻ. ان ٻنهي ڳالهين جي بهترين تَرتِيب تہ ڏسو، سڀ کان پهريان اِيمان جو ذِڪر فرمايو ۽ سڀ کان آخر ۾ پنهنجي عبادت جو ۽ درميان ۾ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تَعظِيم جو حڪم اِرشاد فرمايو، ڇو جو اِيمان جي بغير حُضُور جي تعظيم فائدو نہ ڏيندي. ڪيترائي غير مُسلِم اهڙا آهن جيڪي نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تَعظِيم و تڪرِيم ۽ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي غير مسلمانن جي طرف کان ٿيندڙ اِعتراضن جي جوابن ۾ ڪتاب لکندا ۽ ليڪچر ڏيندا آهن، پر جيئن تہ ايمان نہ آندائون، تہ اِن جي اِعۡتِراضن جا جواب ڏيڻ فائديمند نہ ٿيندو، ڇو جو هي ظاهري تَعظِيم آهي، جيڪڏهن دِل ۾ حُضُورِ اَقدس صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سچي عَظَمَت هجي ها تہ ضَرُور اِيمان آڻين ها. ڇو جو جيستائين نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سچي تعظيم نہ هجي تہ پوءِ چاهي پوري زِندگي عِبادَتِ اِلٰهي ۾ گُذري، سڀ بيڪار آهي ۽ بارگاهِ اِلٰهي ۾ اَصلاً قابلِ قَبول ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ اهڙن جي متعلق فرمائي ٿو:

وَ قَدِمۡنَاۤ اِلٰی مَا عَمِلُوۡا مِنۡ عَمَلٍ فَجَعَلۡنٰهُ هَبَآءً مَّنۡثُوۡرًا ﴿۲۳﴾

(سيپارو:١٩،الفرقان:٢٣)

تَرجموڪنزالايمان: ۽ جو ڪجھ انهن ڪم ڪيا هئا اسان ارادو فرمائي انهن کي دز جي سنهن ذرن وانگر پکيڙي ڇڏيو.

۽ هي بہ اِرشاد فرمائي ٿو:

عَامِلَةٌ نَّاصِبَةٌ ﴿۳﴾ تَصۡلٰی نَارًا حَامِيَةً ﴿۴﴾ (سيپارو:٣٠، الغاشيه:٣،۴)

ترجموڪنزالايمان: تڪليف برداشت ڪن، داخل ٿين ڀڙڪندڙ باھ ۾.

يعني عَمَل ڪن، تڪليفون برداشت ڪن ۽ پوءِ بدلو ڇا ملندو؟ اهو ئي



www.dawateislami.net

جو پڙڪندڙ باھ ۾ چڏيا ويندا. (فتاويٰ رضويه: ۳۰/۳۰۷ ،ملخصاً)

آج لے اُن کی پناہ آج مدد مانگ اُن سے      پھر نہ مانیں گے قیامت میں اگر مان گیا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل آياتِ مُبارَڪ ۽ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي اِرْشاداتِ عاليہ سان واضح ٿيو تہ تعظيمِ مُصْطَفٰي ئي اَصْلِ ايمان آھي. جيڪڏھن ڪو شَخْص عظمتِ مُصْطَفٰي کان ڪناره ڪشي ڪندي ڀين نيڪ عملن جي سَعي (ڪوشش) ڪندو رهي، تہ ان جو ڪو عمل قابلِ قَبول نہ ھوندو. تعظيمِ مُصطفٰي ۾ ذرّي برابر خامي سيني نيڪ عملن جي بَربادي جو باعث بڻجي سگھجي ٿي. جيئن تہ سيپاري 26 سُوْرَةُ الْحُجُرَات جي آيت نمبر 2 ۾ اِرْشادِ باري تَعَاليٰ آھي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَرْفَعُوْۤا اَصْوَاتَكُمْ فَوْقَ صَوْتِ النَّبِيِّ وَ لَا تَجْهَرُوْا لَهٗ بِالْقَوْلِ كَجَهْرِ بَعْضِكُمْ لِبَعْضٍ اَنْ تَحْبَطَ اَعْمَالُكُمْ وَ اَنْتُمْ لَا تَشْعُرُوْنَ ﴿۲﴾ (سيپاري:۲۶، الحجرات:۲)

تَرجَمَوڪنزالايمان: اي ايمان وارؤ! پنھنجي آواز مٿي نہ ڪريو ھن نبي (غيب جون خبرون ٻڌائيندڙ) جي آواز کان ۽ ان جي بارگاھ ۾ رڙ ڪري نہ ڳالھايو جيئن پاڻ ۾ ھڪ ٻئي جي سامھون رڙ ڪندا آھيو متان توھان جا عمل چٽ ٿي وڃن ۽ توھان کي خبر بہ نہ ھجي.

مُفسرِ شھير، حڪيمُ الْاُمَّت مُفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان آيتِ ڪريمہ جي تحت فرمائن ٿا: معلوم ٿيو تہ حُضُور جي اَدنٰي (ننڍي) بي اَدَبي ڪفُر آھي، ڇو جو ڪفُر ئي سان نيڪيون برباد ٿينديون آھن، جڏھن حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ وڏي آواز سان ڳالھائڻ تي نيڪيون برباد آھن، تہ ٻي بي اَدَبي جو ذِڪر ئي ڇا ڪجي. آيت جو مطلب ھي آھي تہ نہ حُضُور



www.dawateislami.net

صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون رڙيون ڪري ڳالهايو، نہ انهن کي عام لَقبن سان پُڪاريو، جيئن هڪ ٻي کو پُڪاريندا آهيو ، چاچا، بابا، ياءَ، بشر نہ چئو، رَسُوۡلُ الله، شَفِيعُ الۡمُذۡنِبِين چئو. (نورا لعرفان :٨٢٣)

بارگاہِ ناز میں آہستہ بول      ہو نہ سب کچھ رائیگاں آہستہ چل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ! الله رَحۡمٰن عَزَّوَجَلّ جو پاڪ ڪلام سَيدُالۡاِنۡسِ وَالۡجان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عظمت ۽ شان ۾ رَطۡبُ اللّسان آهي ۽ اسان کي اُنهن جي دَر جي حاضري جا آداب سيکاري رهيو آهي تہ دَربارِ رسالت عَلٰي صاحِبِهَا الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام ۾ صرف آواز جو بُلند ٿي وڃڻ ئي ايترو وڏو جُرم آهي جو ان جي سبب تمام نيڪيون ضائع ٿي وينديون آهن. حڪيمُ الۡاُمَّت مُفۡتِي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمائن ٿا: دنياوي بادشاهن جي دَربار جا آداب، انسانن جا خود ٺهيل آهن، پر حُضُور (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي دروازي شريف جا آداب رَبّ (عَزَّوَجَلَّ) ٻڌايا، (۽) رَبّ (عَزَّوَجَلَّ) ئي سِيکاريا، گڏوگڏ هي آداب صرف اِنسانن تي ئي جاري ناهن بلڪ جِنّ ۽ اِنۡس ۽ فرشتا سيني تي جاري (ٿيندا) آهن. فرشتا بہ اِجازت وٺي ڪري دولت خاني ۾ حاضري ڏيندا آهن، پوءِ هي آداب هميشہ جي لاءِ آهن. (نورالعرفان:٨٢٣)

تِرے رُتبہ میں جس نے چون و چرا کی      نہ سمجھا وہ بدبخت رُتبہ خدا کا

(ذوقِ نعت ،ص٣٨)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! تمام ئي اَنۡبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام واجبُ الۡاِحۡترام ۽ لائقِ تعظيم آهن، قرآنِ ڪريم ۾ الله عَزَّوَجَلّ مُختلف مَقامن تي اَنبياءِ ڪرام جي تعظيم جو حڪم اِرۡشاد فرمايو ۽ ان حڪم جي بَجا آوري ڪرڻ وارن کي اِنۡعام ۽ اِڪرام سان نوازڻ جو وَاعدو بہ فرمايو آهي. جيئن تہ سيپاري 6



www.dawateislami.net

سُوْرَةُالْمَائِدَة جي آيت نمبر12 ۾ اِرشاد ٿئي ٿو :

وَ اٰمَنۡتُمۡ بِرُسُلِیۡ وَ عَزَّرۡتُمُوۡهُمۡ وَ اَقۡرَضۡتُمُ اللّٰهَ قَرۡضًا حَسَنًا لَّاُكَفِّرَنَّ عَنۡكُمۡ سَیِّاٰتِكُمۡ وَ لَاُدۡخِلَنَّكُمۡ جَنّٰتٍ تَجۡرِیۡ مِنۡ تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ ۚ

**تَرجَمو ڪنز الايمان:** ۽ منهنجي رسولن تي ايمان آڻيو ۽ انهن جي تعظيم ڪريو ۽ الله کي قرضِ حسن ڏيو تہ بي شڪ مان توهان جا گُناهَ لاهي ڇڏيندس ۽ ضَرور توهان کي باغن ۾ وٺي ويندس جن جي هيٺان نهرون جاري آهن.

بالخُصُوص حُضُور عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي ايمان آڻڻ کان پوءِ حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعظيم ڪرڻ وارن کي فَلاح ۽ ڪامراني جي بِشارت عطا فرمائي آهي: جيئن تہ سيپاري 9 سُوْرَةُالْاَعْرَاف جي آيت نمبر 157 ۾ اِرشاد ٿئي ٿو:

فَالَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡا بِهٖ وَ عَزَّرُوۡهُ وَ نَصَرُوۡهُ وَ اتَّبَعُوا النُّوۡرَ الَّذِیۡۤ اُنۡزِلَ مَعَهٗۤ ۙ اُولٰٓئِكَ هُمُ الۡمُفۡلِحُوۡنَ ﴿۱۵۷﴾

**تَرجَمو ڪنز الايمان:** پوءِ جيڪي ان تي ايمان آڻين ۽ سند تعظيم ڪن ۽ ان جي مدد ڪن ۽ ان نُور جي پيروي ڪن جيڪوان سان گڏ نازل ٿيو اُهي ئي با مُراد آهن.

ياد رکو! هي اِنعامات اُنهي وَقت حاصل ٿيندا، جڏهن اسان هر مُعاملي ۾ تمام انبياء عَلَيْهِمُ السَّلَام خُصُوصًا سيدُالاَنبيا، محمدِ مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تَعۡظِيم ۽ تَوقير کي پنهنجي اِيمان جو حصّو سمجهنداسين ۽ ان جي اَدنيٰ کان اَدنيٰ توهين کان بہ بچڻ جي ڪوشش ڪنداسين. الله عَزَّوَجَلَّ آدابِ نبوي سيکاريندي جتي بارگاهِ رسالت ۾ آواز بُلند ڪرڻ کان منع فرمايو،



www.dawateislami.net

اُتي پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عام اَنداز ۾ سڏڻ جي بہ مُمانعت فرمائي آهي. جيئن تہ سيپاري 18، سُوْرَةُ النُّوْر جي آيت نمبر 63 ۾ اِرشاد ٿئي ٿو:

لَا تَجْعَلُوْا دُعَآءَ الرَّسُوْلِ بَيْنَكُمْ كَدُعَآءِ بَعْضِكُمْ بَعْضًا ؕ (سيپاري:١٨، النور:٦٣)

ترجمو ڪنزالايمان: رسول جي سڏڻ کي پاڻ ۾ ايئن نہ ٺهرايو جيئن توهان مان هڪڙو ٻي کي سڏي ٿو.

صَدرُالاَفاضِل، حضرتِ علامہ مولانا سَيد مُفتي محمد نعيمُ الدِّين مُرادآبادي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: (ان آيت جي) هڪ معنيٰ مُفسّرين هي بہ بيان فرمائي آهي تہ (جڏهن ڪو) رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سَڏ ڪري تہ اَدَب و تڪريم ۽ تَوَقِير ۽ تعظيم سان گڏ سندن جي مُبارڪ لَقبن سان نرم آواز سان مُتَواضِعَانہ ۽ مُنڪسِرَانہ (عاجزي واري) لهجي ۾ ”يَانَبِيَّ الله! يَارَسُوْلَ الله! يَاحَبِيْبَ الله!“ چوندي (سَڏ ڪري). (تفسير خزائن العرفان، پاره:١٨، سورة النور:تحت الآية:٦٣)

اِمامُ المُفسرين، حضرتِ سَيّدُنَا عَبْدُالله بن عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ اِرشاد فرمائن ٿا: پهريان حُضُور (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کي يَا مُحَمَّدُ، يَا اَبَاالْقَاسِم چيو ويندو هو، جڏهن اللّٰه تَعَالٰي پنهنجي نبي جي تعظيم کي ان ڪان نُهي (مُمانعت) فرمائي، تہ صحابہء ڪرام (عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان) يَانَبِيَّ الله، يَارَسُوْلَ الله چوندا هئا.

(دلائل النبوة لابی نعیم ، الفصل الاول ،الجزء الاول ص١٩)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو! حُضُور پاڪ، صاحبِ لولاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعظيم جو مُعامَلو ڪيترو قدر اَهم آهي جو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کي هي ڳالهہ بہ ناپسند آهي تہ ڪو منهنجي حبيب (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جو نالو وٺي ڪري مُخاطَب ڪري. عُلماء تصريح (وضاحت) فرمائن ٿا: حُضُورِ اَقْدس



www.dawateislami.net

صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نالو وٺي ڪري نِدا ڪرڻ حَرام آهي. (فتاويٰ رضويه:۱۵۷/۳۰)
ياد رهي! حُضُور عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي تعظيم صِرف حياتِ ظاهري تائين مَحدُود نہ هئي بلڪ رهندڙ دنيا تائين اچڻ واري هر مُسلمان تي توهان جي شان ۽ عظمت کي تسليم ڪرڻ لازِم آهي.

حضرتِ علامہ اِسمٰعيل حقّي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري حَيات ۾ پڙدو فرمائڻ کان بعد (يعني ظاهري وَفات کان پوءِ) غَرَض هر حالت ۾ حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تَعۡظِيم ۽ تَوقير اُمَّت تي لازِم ۽ ضَروري آهي ڇو جو دِلين ۾ جيتري قدر حُضُور جي تعظيم وڌندي اوتري قدر ئي نُورِ ايمان ۾ اِضافو ٿيندو رهندو. (تفسير روح البيان ج۷،ص۲۱۶)

خاک ہو کر عشق میں آرام سے سونا ملا
جان کی اِکسیر ہے اُلفت رسول اللہ کی

(حدائقِ بخشش ،ص:۱۵۳)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ حُضورِ اَقۡدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان عشق ۽ مَحَبَّت ۽ هر مُعاملي ۾ توهان جو بيحد اَدب، ايمان ۾ اضافي جو سبب ۽ اِيمان جي جڙ (بنياد) آهي. ان کي ائين سمجهو تہ جيڪڏهن ڪنهن وَڻ جي جڙ ئي ڪنجي وڃي تہ اهو وَڻ سُڪي ويندو آهي ۽ ان تي لڳل ميوا ۽ گُل ڇڻي سَڙي ويندا آهن، اهڙي طرح تَعۡظِيمِ مُصطفيٰ، اِيمان جي ٻوٽي جي جڙ جي حيثيت رکي ٿي. ان جي بغير اِيمان جو ٻُوٽو بہ سر سبز ۽ شاداب نہ ٿو رهي سگهي ۽ نيڪ عملن جي صُورت ۾ ان تي لڳل ميوا ۽ گُل ضائع ٿي ويندا آهن. تنهنڪري پنهنجي نيڪين کي باقي رکڻ ۽ شجرِ ايمان کي وڌائڻ جي لاءِ اَدبِ رسول کي لازِم سمجهو. صحابہء ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جن



www.dawateislami.net

تعظيمِ مُصطفيٰ جون اهڙيون داستانون تحرير فرمايون آهن جو ان جي مِثال ملڻ ناممڪن آهي. اچو تہ! شمعِ رسالت جي ان پروانن جي عشقِ مُصطفيٰ جا چند واقعا ٻُڌون ٿا.

1. روايت ۾ آهي تہ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا صحابہ، ڪمالِ اَدب ۽ اِحترام جي سبب پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو دروازو ننهن سان ڪڙڪائيندا هئا . (شرح شفا لملا علی قاری ج۲، ص۷۱)

2. اهڙي طرح صُلَحِ حُدَيبيہ جي سال قُريش حضرت سَيِّدُنَا عُروَہ بن مسعود رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه کي (جن اجا ايمان نہ آندو هو)، شهنشاه دو عالَم، نُورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ موڪليو، اُنهن ڏٺو تہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن وُضو فرمائيندا هئا تہ صحابہء ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان وضو جو پاڻي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ايتري قَدر تيزي سان وڌي رهيا هئا جو ائين معلوم ٿي رهيو هو، جيئن هڪ ٻئي سان وَڙهي پوندا. جڏهن لُعابِ مُبارَڪ يا نڪ صاف ڪندا هئا تہ صحابہء ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ان کي پنهنجي هٿن ۾ کڻي ڪري (بَطورِ تَبَرُّڪ) پنهنجي چهري ۽ جسم تي مَلي ونندا هئا، حُضُور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اُنهن کي ڪو حڪم ڏيندا هئا تہ فوراً تعميل (پورو ڪندا هئا) ۽ جڏهن گفتگو فرمائيندا هئا تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون خاموش رهندا هئا ۽ اَزراهِ تعظيم، سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طرف اک کڻي ڪري نہ ڏسندا هئا. جڏهن حضرت سَيِّدُنَا عُروَہ بن مسعود رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ اَهلِ مڪہ وٽ واپس موٽيا تہ انهن کي فرمايو: اي قُريش جا گروھ! آئون قَيصر وڪسرٰي ۽ نَجّاشي جي دربارن ۾ بہ ويو آهيان، پر خدا جو قسم! مون ڪنهن بادشاھ جي اُن جي قوم ۾ اهڙي شان ۽ شوڪت ۽ قَدَر و مَنزِلت ناهي ڏٺي، جهڙي شان (حضرت) مُحَمَّد



www.dawateislami.net

(مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي ان جي صحابہ (عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان) ۾ ڏٺي آهي.

( شفا،فصل فی عادة الصحابة فی تعظیمه، ۳۸/۲)

3. هڪ ڀيري حُضُور عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي چاچي حضرتِ سَيِّدُنَا عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان پڇيو ويو: اَنْتَ اَكْبَرُ اَمْ رَسُوْلُ الله؟ يعني توهان وڏا آهيو يا، رَسُوَلُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وڏا آهن؟ تہ اُنهن جواب ڏيندي اِرْشاد فرمايو: هُوَ اَكْبَرُ مِنِّيْ وَاَنَا كُنْتُ قَبْلَهٗ. يعني وڏا تہ اهي ئي آهن، بس پيدا آئون انهن کان پهريان ٿيو آهيان. (کنز العمال: ۲۲۴/۱۳حدیث:۳۷۳۴۴)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ! صحابہء ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان، سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ڪهڙي والهانہ مَحَبَّت ۽ تعظيم ڪندا هئا جو عمر ۾ وڏي هئڻ جي باوُجُود بہ وڏائي جي نسبت رَسُوَلُ الله جي طرف ئي ڪندا هئا. اسان کي بہ گهرجي تہ اسان بہ عشقِ مُصطَفٰي جي شمع نہ صرف پنهنجي دل ۾ روشن ڪريون بلڪ پنهنجي اَوْلاد کي بہ اَسْلاف جي عشقِ رسول جا پيارا پيارا واقعات ٻُڌائي ڪري ننڍپڻ کان ئي انهن جي دل ۾ مَحَبَّتِ رسول کي پيدا ڪريون. ان جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي اِشاعتي اِداري مڪتبةُ المدينہ جي مطبوعہ 274 صفحن تي مُشتمل ڪتاب ”صحابۂ کرام کا عشقِ رسول“ جو مُطالَعو بي حد مُفيد رهندو. ان کان علاوه دعوتِ اسلامي جي مُشڪبار مدني ماحول سان وابستہ ٿي ڪري هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ (3) ڏينهن مدني قافلي ۾ سفرڪرڻ، مدني اِنْعامات تي عمل، مدني مُذاڪري ۽ هفتيوار سُنَّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي برڪت سان اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ عشقِ رسول جي دولت نصيب ٿيندي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ هڪ مسلمان جي لاءِ تعظيمِ مُصطَفٰي



www.dawateislami.net

ڪيتري قدر اَهميت جي حامل آهي جو ان جي بغير دَعوَيٰ ايمان ئي بيڪار آهي. ياد رکو! جهڙي طرح خُود تاجدارِ اَنبياء، سرورِ هر دوسَرا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذاتِ اَقْدَس جي تعظيم ضروري آهي، اهڙي طرح حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان نسبت رکڻ واري اَصحاب ۽ اَزْواج، آل و اَوْلاد ۽ تَبُّرڪات سان گڏوگڏ سندن جي ذِڪرِ اَقْدَس جي بہ تعظيم ضروري آهي. ائين تہ تمام ئي دِيني محفلن ۾ ذِڪرِ مُصطَفٰي ڪيو ويندو آهي، پر خاص ڪري اِجتماعِ ميلاد ۾ حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذِڪرِ خَير ڪيو ويندو آهي، سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان وعظمت ڪي بيان ڪيو ويندو آهي، حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سيرتِ مُبارَڪ جا پيارا واقعات ٻُڌايا ويندا آهن، تنهنڪري جشنِ عيدِ ميلادُ النبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مَلهائڻ بہ تعظيمِ مُصطفيٰ جي ئي هڪ صُورت آهي." (روح البيان ،ج۹، ص۵۶)

اِمام جلالُ الدّين سُيوطي شافعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ: مِيلادِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملهائڻ ۾ حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مرتبي جي تعظيم آهي. (الحاوي للفتاوی ،ج۱،ص۲۲۲) اهڙي طرح محمد بن يوسف صالحي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: مِيلاد ملهائڻ سان سندن جي مَحَبَّت ۽ تعظيم ٿيندي آهي. (سبل الهدی والرشاد،ج۱، ص۳۶۵) اسان جي خُوش نصيبي جو اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ عنقريب رَبِيعُ الاَوَّل جو مُبارَڪ مهينو اسان جي درميان جَلوه گر ٿيڻ وارو آهي، ان رحمتن واري مهيني جي ايندي ئي عاشقانِ رسول جي دلين ۾ خُوشين جي ڪيفيت پيدا ٿي ويندي آهي ۽ اهي جشنِ عيد ميلادُ النبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تيارين ۾ مصروف ٿي ويندا آهن ۽ چو نہ ٿين جو حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آمد تي پُوري ڪائنات مَسرور ٿي وئي، عرش خُوشي سان جُهومڻ لڳو، ڪرسي بہ خُوشي سان اِترائڻ لڳي ۽ جِنّن ڪي آسمان تي وڃڻ ڪان



www.dawateislami.net

روڪيو ويو، تہ اهي هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا: بي شڪ اسان کي پنهنجي رستي ۾ وڏي مَشَقّت (تڪليف) کي منهن ڏيڻو پيو آهي ۽ فرشتا اِنتهائي خُوشي ۽ رُعب سان تسبيح خواني ڪرڻ لڳا، هوائون جُهومي جُهومي ڪري هلڻ لڳيون ۽ ڪَڪرن کي ظاهر ڪيو ويو، باغن ۾ تاريون جُهڪڻ لڳيون ۽ ڪائنات جي ڪُند ڪُند کان **"اَهْلًا وَّسَهْلًا مَّرْحَبًا"** جون صَدائون اچڻ لڳيون. (الروض الفائق، ص٢٤٣)

**اَلْغَرَض!** حُضُور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تشريف آوري سَراسَر رحمتن ۽ برڪتن جو مَنْبَع (چشمو) آهي، جيئن تہ اَصحابِ فيل جي هلاڪت جو واقعو، فارس جي مجوسين جي هڪ هزار (1000)سالن کان پڙڪايل باھ ان جو هڪ گهڙي ۾ وسامجي وڃڻ، ڪسريٰ جي محل جو زَلْزلو ۽ ان جي چوڏانهن (14) ڪنگرن جو مُنْهدِم (زمين بوس) ٿي وڃڻ، "همَدان" ۽"قُمّ" جي درميان ڇهہ (6) مِيل ڊگهي ڇهہ (6) ميل ويڪري "بُحَيره، ساوَہ" جو يڪدم بالڪل خُشڪ ٿي وڃڻ، حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي والده جي بدن مُبارَڪ کان هڪ اهڙو نُور جو نڪرڻ، جنهن سان "بصريٰ " جا محل روشن ٿي ويا . (المواهب اللدنية وشرح الزرقانى،ولادتہ...الخ، ١٦٧/١، ٢٢١،٢٢٨،٢٢٧) هي سڀ واقعات اهڙي سلسلي جي ڪڙيون آهن، جو حضور عَلَيْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي تشريف آوري کان پهريان ئي"مُبَشِرات" (خُوشخبري ڏيڻ وارا) بڻجي ڪري عالَمِ ڪائنات کي هي خُوشخبري ڏيڻ لڳا تہ

مُبارَک ہو وہ شہ پردے سے باہر آنے والا ہے

گدائی کو زمانہ جس کے دَر پر آنے والا ہے

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! جَشنِ عيد مِيلادُ النبي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مَلهائڻ هڪ مُبارڪ ڪم آهي، ان جي مَلهائڻ وارن کي الله عَزَّوَجَلَّ جي طرف



www.dawateislami.net

ڪان بي شُمار دِيني ۽ دنياوي رحمتون ملنديون آهن. جيئن تہ تفسيرِ رُوحُ الْبَيان ۾ آهي تہ مَحفلِ ميلاد شريف جي برڪت پوري سال تائين گهر ۾ رهندي آهي. (روح البيان ، ٩/ ٥٧) اهڙي طرح حضرت سَيِّدُنَا امام قَسْطَلاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: ”وِلادَتِ باسعادت جي ايام (ڏينهَن) ۾ مَحفلِ ميلاد ڪرڻ جي خَواص (خُصُوصِيت) سان هي اَمْر مُجرب (يعني تَجرِبي مان ثابت) آهي تہ انهي سال اَمْن ۽ اَمان رهندو آهي. الله عَزَّوَجَلَّ اُن شخص تي رَحمت نازِل فرمائي، جنهن وِلادَت جي مهيني جي راتين کي عيد بڻائي ڇڏيو.“ (مواهِبُ اللدُنيَّہ ج١ ص١٤٨) جَشنِ ميلاد مَلهائڻ واري کي دنياوي برڪتن سان گڏوگڏ جنَّت جي بشارت بہ آهي. شيخِ مُحَقِّق حضرت شاه عبدُالحقّ مُحَدِّث دِهلوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ولادت جي رات خوشي ملهائڻ وارن جي جزا هي آهي تہ الله تعاليٰ انهن کي فضل ۽ ڪرم سان جَنَّاتُ النَّعِيم ۾ داخل فرمائيندو، مسلمان هميشہ کان محفل ميلاد منعقد ڪندا آيا ۽ ولادت جي خوشيءَ ۾ دعوت ڏيندا، کاڌا پچائيندا ۽ خوب صدقا ۽ خيراتون ڏيندا آيا آهن خوب خوشيءَ جو اظهار ڪندا ۽ دل کولي خرچ ڪندا آهن ۽ سرڪارمدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت با سعادت جي ذڪر جو اهتمام ڪندا ۽ پنهنجن گهرن کي سينگاريندا آهن ۽ انهن تمام سنن ڪمن جي برڪت سان انهن ماڻهن تي الله تعاليٰ جون برڪتون نازل ٿينديون آهن.

(مَا ثَبَتَ مِنَ السُّنّة ص٧٤ ملخصاً،صبح بهاران ،ص ١١)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ! پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ميلاد مَلهائڻ وارن سان الله عَزَّوَجَلَّ ڪيتري قدرخُوش ٿئي ٿوءِ انهن کي ڪهڙا عظيمُ الشَّان اِنعامءِ اِڪرام سان نوازيندو آهي. تنهنڪري جشن ولادت جي خوشي ۾ مسجدن، گهرن، دڪانن ۽ سوارين تي ۽ پنهنجي پاڙي ۾ بہ ساوا



www.dawateislami.net

ساوا جهنڊا لڳايو، خوب خوب روشني ڪيو،گهٽ ۾ گهٽ ٻارنهن(12) بلب تہ ضرور روشن ڪيو، ٻارهينءَ جي رات جو ثواب جي نيّت سان **اجتماعِ ذڪر ۽ نعت** ۾ شرڪت فرمايو ۽ صبح صادق جي وقت ساوا ساوا جهنڊا کڻي، درود ۽ سلام پڙهندي ڳوڙها وهائيندڙ اکين سان **صبح بهاران** جواستقبال ڪريو.

١٢ **ربيع النور شريف** جي ڏينهن تي سڳهي تہ روزو رکو جو اسان جا پيارا آقا مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هر سومر شريف تي روزو رکي پنهنجي ولادت جو ڏينهن ملهائيندا هئا. جيئن حضرت سيّدنا ابُو قَتاده رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: **بارگاهِ رسالت** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ سومر جي روزي جي باري ۾ پڇيو ويو تہ ارشاد فرمايائون: **انهيءَ ڏينهن منهنجي ولادت ٿي ۽ انهيءَ ڏينهن مون تي وحي نازل ٿي.**“(صَحيح مُسلِم ص٥٩١ حديث١١٦٢) ياد رهي! نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وِلادَت تي خُوشي مَلهائڻ جو حڪم قرآنِ ڪريم مان ثابت آهي. جيئن تہ سيپاري 11 سوره يونُس جي آيت نمبر 58 ۾ اِرشاد ٿئي ٿو.

قُلْ بِفَضْلِ اللّٰهِ وَ بِرَحْمَتِهٖ فَبِذٰلِكَ فَلْيَفْرَحُوْا ؕ هُوَ خَيْرٌ مِّمَّا يَجْمَعُوْنَ ﴿۵۸﴾

(سيپاري ١١،يونس٥٨)

**تَرجَموڪنزالايمان**: تون فرماءِ **الله** جي ئي فَضل ۽ سندس رَحمَت تي جڳائي تہ خوشي ڪن اهو انهن جي سموري ڌن دولت کان بهتر آهي.

مُفسرِ شَهير،حَڪيمُ الاُمَّت، مُفتي اَحمد يارخان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان آيتِ مُبارَڪ جي تحت اِرشاد فرمائن ٿا: اي مَحبُوب! ماڻهن کي هي خُوشخبري ڏئي ڪري انهن کي هي حڪم بہ ڏيو تہ الله (عَزَّوَجَلَّ) جي فَضل ۽ ان جي رَحمَت مِلڻ تي خُوب خُوشيون ملهايو. عُمومي خُوشي تہ هر وَقت مَلهايو، خُصُوصي



www.dawateislami.net

خُوشي اُن تاريخن ۾ جن ۾ هي نِعمَت آئي يعني رَمضَان، خُصُوصًا شَبِ قَدَر ۽ رَبِيعُ الْاَوَّل خُصُوصًا ٻارنهين تاريخ ۾ تہ رَمَضَان ۾ الله (عَزَّوَجَلَّ) جو فَضَل قُرآن آيو ۽ رَبِيعُ الْاَوَّل ۾ رَحۡمَۃ لِّلۡعَالَمِين، يعني محمدِ مُصطفيٰ (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) پيدا ٿيا. هي فَضل ۽ رَحمَت يا اُن جي خُوشي مَلهائڻ، توهان جي دُنيوي جمع ڪيل مال و مَتَاع، رُوپين، مَڪان، جائيداد، جانور، ٻني ٻاري بلڪ اَوۡلاد وغيره سڀ ڪان بهتر آهي جو ان خُوشي جو نَفۡعو شَخۡصي ناهي بلڪ قَومي آهي. وَقتي ناهي بلڪ دائِمي آهي. صرف دُنيا ۾ ناهي بلڪ دِين ۽ دُنيا ٻنهي ۾ آهي. جِسّماني ناهي بلڪ دِلي ۽ رُوحاني آهي. برباد ناهي بلڪ اِن تي ثواب آهي. (تفسيرِ نعيمي:۱۱/۳۶۹)

دُھوم مچاتے رہیں اور مناتے رہیں  عیدِ میلاد ہم، تاجدارِ حرم
عید میلاد میں، گاڑیں گے یاد میں  سبز پیارا عَلَم، تاجدارِ حرم

(وسائلِ بخشش)

## اَهلِ سُنت جو مذهب:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَهلسنَّت جي مذهب ۾ مَجلسِ ميلادِ پاڪ اَفۡضَل ترين مَنۡدُوبات (مُستحبات) ۽ اعليٰ ترين نيڪ ڪمن مان آهي. (الحق المبين،ص:۱۰۰)

صَدۡرُ الشَّريعَہ، بَدۡرُ الطَّريقَہ حضرت عَلّامہ مَولانا مُفۡتي محمد اَمۡجَد علي اَعۡظمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمائن ٿا: مِيلاد شَرِيف يعني حُضُورِ اَقۡدَس صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وِلادَتِ اَقۡدَس جو بَيان جائز آهي. انهي متعلق ان مَجۡلِسِ پاڪ ۾ حُضُور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فَضَائِل و مُعۡجِزَات و سِير (خَصۡلتون) ۽ حالات و حَيات و رضاعَت ۽ بِعۡثَت جي واقِعا بہ بَيان ٿيندا آهن، ان شين جو ذِڪر احاديث ۾ بہ آهي ۽ قُرآنِ مجيد ۾ بہ. جيڪڏهن مُسلمان پنهنجي مَحۡفِل ۾



www.dawateislami.net

بَيان ڪن، بلڪ خاص ان ڳالهين جي بَيان ڪرڻ جي لاءِ مَحفِل مُنعَقِد ڪن، تہ ان جي ناجائز هئڻ جي ڪو سبب ناهي. ان مَجلِس جي لاءِ ماڻهن کي گهُرائڻ ۽ شَريڪ ڪرڻ خَير جي طَرف گهُرائڻ آهي، جِهڙي طرح وَعَظ ۽ جَلسن جي اِعلان ڪيا ويندا آهن، اِشتِهارات ڇپرائي ڪري تَقسِيم ڪيا ويندا آهن، اَخبَارات ۾ ان جي مُتَعلّق مَضمون شائع ڪيا ويندا آهن ۽ ان جي سبب اهي وَعَظ ۽ جَلسہ ناجائز ناهن ٿيندا، اهڙي طَرح ذِڪرِ پاڪ جي لاءِ دَعوت ڏيڻ تي ان مَجلِس کي ناجائز ۽ بِدعَت نٿو چئي سگهجي. (بہار شريعت،ج:٣ ،ص:٦۴۴۔ ٦۴۵)

ربیع پاک تجھ پر اَہلِسُنَّت کیوں نہ قُرباں ہوں
کہ تیری بارھویں تاریخ وہ جانِ قمر آیا
(قبالہ بخشش، ص٣٧)

## عيدِ ميلادُ النبي ۽ دعوتِ اسلامي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مُسلمانن جي لاءِ سُلطانِ مدينہء منوَّره ، شَهنشاه مڪہء مڪرّمہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي يومِ وِلادَت کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو ڏينهن "يومِ اِنعام" تي سگهي ٿو؟ جو جو ڪائنات جون تمام رونقون ۽ تمام نعمتون اُنهي جي طُفيل (صدقي) مليون آهن ۽ هي ڏينهن تہ عيد کان بہ وڌيڪ (پيارو) آهي، جو ٻئي عيدون بہ انهي جي صَدِقي ۾ نصيب ٿيون آهن. اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغِ قرآن وسُنَّت جي عالمگير غير سِياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي زيرِ اِهتمام پاڪستان سميت مختلف مقامن تي هر سال عيدِ ميلادُ النبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شاندار طريقي سان مَلهائي ويندي آهي. ربيعُ الاوّل جي ٻارنهين رات عظيم الشَّان اجتماعِ ميلاد جو اِنعقاد ڪيو ويندو آهي ۽ عيد جي ڏينهن (12ربيع الاوّل) **"مرحبا يامُصطفيٰ"** جي ڌومون مَچائيندي ٻي



www.dawateislami.net

شُمار جُلوسِ ميلاد ڪڍيا ويندا آهن، جن ۾ لکين عاشقانِ رسول شريڪ ٿيندا آهن.

عیدِ میلادُ النَّبی تو عید کی بھی عید ہے

بالیقیں ہے عیدِ عیداں عیدِ میلادُ النَّبی

(وسائلِ بخشش ص 380)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مڪتوبِ عطار:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هر اَهم ڪم جا ڪجھ ضروري آداب هوندا آهن، جَشنِ ميلادُ النَّبي مَلهائڻ جي آداب مان هي آهي تہ تَمام غير شَرعي ڪمن کان اِجّتناب ڪيو وڃي، مثلاً گهٽي يا روڊ وغيره تي اِهڙي طرح سَجاوٽ ڪرڻ، جنهن سان گاڏي وارن ۽ پَنڌ هلڻ وارن کي تڪليف ٿئي، ناجائز آهي. چَراغان ڏسڻ جي لاءِ عورتن جو اَجنبي مَردن جي درميان بي پرده نڪرڻ ڳڏوگڏ باپرده عورتن جو بہ مُروَّجہ انداز ۾ مَردن ۾ اِخّتِلاط (يعني خَلط مَلط هئڻ) انتِهائي اَفسوس ناڪ آهي، ڳڏوگڏ بجلي جي چوري بہ ناجائز آهي، تنهنڪري ان سلسلي ۾ بجلي فَراهم ڪرڻ واري اِداري سان رابِطو ڪري جائز ذَريعن سان چَراغان جي ترڪيب ٺاهيو. جُلوسِ ميلاد ۾ وَس آهر باوُضُو رهو، نَمازِ باجماعت جي پابندي جو خيال رکو.

شيخِ طريقت،اميرِاهلسنَّت، باني دعوتِ اسلامي حضرتِ علامہ مولانا ابُوبلال محمد الياس عطار قادري رَضوي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن جشنِ ميلاد ملهائڻ جي باري ۾ پنهنجي مڪتوب ۾ ڪجھ اهم مَدَني گُل عطا فرمايا آهن. اچو تہ! اسان بہ ان مڪتوب کي توجھ سان ٻُڌون ٿا:



www.dawateislami.net

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ط

**سگِ مدينہ محمد الياس عطار قادري رضوي** عفي عنه **جي** طرفان تمام عاشقان رسول اسلامي ڀائرن/ اسلامي ڀينرن جي خدمت ۾ **جشن ولادت جي خوشي** ۾ اڏندڙ ساون ساون جهنڊن ۽ جڳمڳ ڪندڙ بلبن ۽ ننڍڙين ننڍڙين بتين کي چمندو جهومندو ماکي کان بہ مٺو مکي مدني سلام،

السلام عليكم ورحمة الله وبركاته الحمد لله رب العٰلمين عليٰ كل حال

تم بھی کرکے اُن کا چرچا اپنے دِل چمکاؤ
اُونچے میں اُونچا نبی کا جھنڈا گھر گھر میں لہراؤ

**چنڊ** واري رات جو هنن لفظن ۾ ٽي ڀيرا مسجدن ۾ اعلان ڪرايو: تمام اسلامي ڀائرن ۽ ڀينرن کي مبارڪ هجي جو ربيع النور شريف جو چنڊ نظر اچي ويو آهي.

ربیعُ النُّور اُمّیدوں کی دُنیا ساتھ لے آیا دُعاؤں کی قبولیّت کو ہاتھوں ہاتھ لے آیا

**مرد** لاءِ ڏاڙهي ڪوڙائڻ يا هڪ مٺ کان گهٽائڻ ٻئي حرام آهن، اسلامي ڀيڻ جو بي پردگي ڪرڻ حرام آهي. براءِ ڪرم ربيع النور شريف جي برڪت سان اسلامي ڀائر هميشہ جي لاءِ هڪ مٺ ڏاڙهي ۽ اسلامي ڀينرون مستقل شرعي پڙدو ۽ زهي قسمت جو مدني برقعو پائڻ جي نيت ڪن.

(مرد جو ڏاڙهي ڪوڙائڻ يا هڪ مٺ کان گهٽائڻ ۽ عورت جو بي پردگي ڪرڻ حرام آهي ۽ فوراً توبہ ڪري انهن گناهن کان دور ٿي وڃڻ واجب آهي.)

جُھک گیا کعبہ سبھی بُت مُنہ کے بَل اَوندھے گِرے دبدبہ آمد کا تھا، اَھۡلًا وَّسَھۡلًا مرحبا

سنتن ۽ نيڪين تي استقامت حاصل ڪرڻ جو عظيم مدني نسخو هي



www.dawateislami.net

آهي تہ تمام عاشقان رسول اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون روزانو فڪر مدينہ ڪندي مدني انعامات جو رسالو ڀري هر مهيني جمع ڪرائڻ جي نيت ڪن، هٿ ڪٽي چئو: اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

بدلیاں رَحمت کی چھائیں بُوندیاں رَحمت کی آئیں
اب مُرادیں دل کی پائیں آمدِ شاہِ عَرَب ہے

تمام عاشقان رسول اسلامي ڀائر نگرانن ۽ ذميدارن سميت ربيع النور شريف ۾ خصوصيت سان گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪن ۽ اسلامي ڀينرون ٣٠ ڏينهن تائين روزانو گهر جي اندر (فقط گهر وارن ۾) فيضانِ سنت جو درس جاري ڪن ۽ وري اڳتي بہ روزانو جاري رکڻ جي نيت ڪن.

لُوٹنے رَحمتیں قافِلے میں چلو
سیکھنے سُنَّتیں قافِلے میں چلو

پنهنجي مسجد، گهر، دڪان، ڪارخاني وغيره تي ١٢ **عدد** نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ عدد سائو سائو جهنڊو **ربيع النور شريف** جي چنڊ رات ڪان وٺي سڄو مهينو لڳايو، بسن، ويگنن، ٽرڪن، ٽرالن، ٽيڪسين، رڪشن، ريڙهن، گهوڙي گاڏين وغيره تي ضرورتاً پنهنجي کيسي مان رقم ڀري جهنڊا خريد ڪري لڳايو، پنهنجي سائيڪلن، اسڪوٽر ۽ ڪار تي بہ لڳايو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هر طرف ساون ساون جهنڊن جون بهارون مرڪندي نظر اينديون، عام طور تي ٽرڪن جي پٺيان جاندارن جون وڏيون وڏيون تصويرون ۽ بي ڍنگا شعر لکيل هوندا آهن، منهنجي خواهش آهي تہ ٽرڪن، بسن، ويگنن،



www.dawateislami.net

رڪشن، ٽيڪسين، سوزوڪين، ۽ ڪارين وغيره جي پنيان وڏن لفظن ۾ هي لکيل هجي، **مون کي دعوتِ اسلامي سان پيار آهي** . بس جي مالڪن ۽ ٽرانسپورٽ وارن سان ملي ڪري مدني ترڪيبون ڪيو ۽ سگِ مدينہ عفي عنه جي دل جون دعائون وٺو.

**ضروري احتياط:** جيڪڏهن جهنڊي تي نعلين پاڪ جو نقش پاڪ يا ڪا لکت هجي تہ هن ڳالهہ جو خيال رکو تہ نہ اهو ليڙون ليڙون ٿئي، نہ ئي زمين تي اچي پئي ۽ جيئن ئي **ربيع النور شريف** جو مهينو موڪلائي وڃي تہ فوراً لاهي ڇڏيو، جيڪڏهن احتياط نہ ٿو ٿي سگهي ۽ بي ادبي ٿيڻ جو انديشو هجي تہ بنانقش ۽ بنا لکت جي سادا ساوا جهنڊا لڳايو. (سگِ مدينہ عُفِيَ عَنْهُ بہ حتي الامڪان پنهنجي گهر بنام "**بيت الفنا**" تي سادا (يعني بغير ڪنهن نقش ۽ لکت جي) جهنڊا لڳائيندو آهي)

نبی کا جھنڈا لیکر نکلو دنیا پر چھا جاؤ
نبی کا جھنڈا امن کا جھنڈا گھر گھر میں لہراؤ

پنهنجي گهر تي ١٢ جهالرن (يعني لڙهين) يا گهٽ ۾ گهٽ ١٢ بلبن سان ۽ پنهنجي مسجد ۽ محلي ۾ بہ ١٢ ڏينهن تائين خوب لائيٽنگ ڪيو (پر انهن ڪمن لاءِ بجلي چوري ڪرڻ حرام آهي. تنهن ڪري ان سلسلي ۾ بجلي فراهم ڪندڙ اداري سان رابطو ڪري جائز ذريعن جي ترڪيب بڻايو) سڄي علائقي کي ساون ساون جهنڊن ۽ رنگا رنگي بتين سان سينگاري ڪنوار بڻائي ڇڏيو. مسجد ۽ گهر جي ڇت ۽ چوڪ وغيره تي واٽهڙن ۽ سوارين کي تڪليف کان بچائيندي حقوق عامہ ضايع ڪرڻ کان بغير فضا ۾ لڙڪندڙ 12 ميٽر يا ضرورت مطابق سائيز جا وڏا جهنڊا لڳايو، وچ رستي تي جهنڊا نہ هڻو جو ان



www.dawateislami.net

سان ٽريفڪ جو نظام متاثر ٿيندو آهي، ۽ گهٽيءَ وغيره ڪٽي به اهڙي سجاوٽ نہ ڪيو جنهن سان مسلمانن جو رستو سوڙهو ٿيڻ ۽ انهن جي حق تلفي ۽ دل آزاري جو سبب ٿئي.

ایک مشرق،ایک مغرب،ایک بامِ کعبہ پر

نَصب پرچم ہوگیا، اَھلًا وَّ سَھلًا مرحبا

(وسائل بخشش ص345)

هر اسلامي ڀاءُ طاقت آهر وڌيڪ نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ ٻارهن رپين جا مڪتبة المدينہ جا شايع ٿيل رسالا ۽ مدني گلن جا مختلف پمفليٽ ميلاد جي جلوس ۾ ورهائي ۽ اسلامي ڀينرون بہ تقسيم ڪرائن، اهڙي طرح سجو سال اجتماعن ۾ لنگرِ رسَائل جو اهتمام فرمائي ڪري نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچايو. شادي غمي جي موقعن تي ۽ مرحومن جي ايصال ثواب جي خاطر بہ "لنگر رسائل" هلايو ۽ ٻين مسلمانن کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو.

بانٹ کر مَدَنی رسائل دِین کو پھیلایئے

کرکے راضی حق کو حقدارِ جناں بن جایئے

سگِ مدينہ جو لکيل پمفليٽ **"جشنِ ولادت جا ١٢ مدني گل"** ممڪن هجي تہ ١١٢ نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ ١٢ عدد ۽ ٿي سگهي تہ **رسالو "صبح بهاران" ١٢** عدد مڪتبةالمدينہ تان هديو ڏئي حاصل ڪري ورهايو، خصوصاً انهن تنظيمن جي سربراهن تائين پهچايو جيڪي **جشن ولادت** جون ڌومون مچائيندا آهن. **ربيع النور شريف** جي دوران ١٢٠٠ **روپيا**، جيڪڏهن هي نہ ٿي سگهي تہ ١١٢ **روپيا** ۽ اهي بہ نہ ٿي سگهي تہ ١٢ رپيا (بالغان) ڪنهن سني عالم کي پيش ڪريو، جيڪڏهن پنهنجي مسجد جي امام، مؤذن يا خادمن ۾ورهائي ڇڏيو



www.dawateislami.net

تڏهن به نيڪ آهي . بلڪ هيءَ خدمت هر مهيني جاري رکڻ جي نيت ڪيو ته مدينه مدينه. جُمُعه جي ڏينهن ڏيو ته بهتر جو جُمعه تي هر نيڪي جو ثواب سَتَر ڀيرا وڌيڪ ملندو آهي اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ سنتن ڀريي بيان جي ڪيسٽ ٻڌي ڪري ڪيترن ئي ماڻهن جي اصلاح ٿي وڃڻ جا واقعا آهن. توهان مان به ڪي خوشنصيب اهڙا به هوندا جيڪي بيان جي ڪيسٽ ٻڌي مدني ماحول سان وابسته ٿيا هوندا، تنهنڪري اهڙيون ڪيسٽون ۽ VCDs ماڻهن تائين پهچائڻ دين جي عظيم خدمت ۽ گهڻي ثواب جو سبب آهي ته جنهن ڪان ٿي سگهي هفتي ۾ نه ته مهيني ۾ گهٽ ۾ گهٽ ١٢ آڊيو يا ويڊيو **ڪيسٽون** بيان جون ضرور فروخت ڪري ، سرندي وارا اسلامي ڀائر جيڪڏهن مفت ورهائن ته مدينه مدينه . **جشن ولادت** جي خوشيءَ ۾ بيان جون ڪيسٽون ۽ VCDs خوب ورهايو ۽ دين جي تبليغ ۾ حصو وٺو. شادين جي موقعي تي ڪارڊ سان گڏ **رسالو** ۽ ٿي سگهي ته بيان جي ڪيسٽ يا VCDs به وجهي ڇڏيو. عيد ڪارڊن جي رواج کي ختم ڪري ان جي جڳهه تي به اهو ئي رائج ڪيو ته جيئن جيڪا رقم خرچ ٿئي ان سان دين جو به فائدو ٿئي. مون کي ماڻهو قيمتي ڪارڊ موڪليندا آهن ان سان دل خوش ٿيڻ بدران ڏکندي آهي، ڪاش! عيد ڪارڊ تي خرچ ٿيڻ واري رقم دين جي ڪمن ۾ خرچ ڪئي وڃي ها! ان تي لڳل افشان (يعني چمڪدار پائوڊر) سان ڏاڍي پريشاني ٿيندي آهي .

اُنکے در پے پلنے والا اپنا آپ جواب
کوئی غریب نواز تو کوئی داتا لگتا ہے

وڏي شهر ۾ هر علائقي مشاورت جا نگران (ڳوٺن وارا ڳوٺن ۾) ١٢ ڏينهن تائين روزانو مختلف مساجد ۾ عظيم الشان سنتن ڀريا اجتماعات منعقد ڪن (ذميدار



www.dawateislami.net

اسلامي ڀينرون گهرن ۾ اجتماعات فرمائن) **ربيع النورشريف** جي دوران ٿيڻ وارن تمام اجتماعن ۾ جن ڪان ٿي سگهي اهي ساوا جهنڊا گڏ ڪٽي اچن.

لب پر نعتِ رسولِ اکرم ہاتھوں میں پرچم
دیوانہ سرکار کا کتنا پیارا لگتا ہے

**يارهين** جي شام نه ته ٻارهينءَ جي رات غسل ڪيو، ٿي سگهي ته هن عيدن جي عيد جي تعظيم جي نيت سان اڇو لباس، عمامو، سربند، ٽوپي، مٿي تي پائڻ واري سفيد چادر پردي ۾ پردي لاءِ ناسي چادر، ڏنڊڻ، ڪيسي جو رومال، چپل، تسبيح، عطر جي شيشي، هٿ جي گهڙي، قلم، قافلہ پيډ وغيره پنهنجي استعمال جي هر شيءِممڪن هجي ته نئي وٺو. (اسلامي ڀينرون به پنهنجي ضرورت جون جيڪي شيون ممڪن هجي ته اهي نيون وٺن)

آئی نئی حکومت سکّہ نیا چلے گا
عالَم نے رنگ بدلا صبحِ شبِ وِلادت

## بَيان جو خُلاصو!

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اڄ جي بيان ۾ اسان ٻُڌو ته

- ❖ **رسولِ اڪرم، نُورِ مُجسَّم** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي **تعظيم**، ايمان جو حصّو آهي. بني اِسرائيل جي 200 سالہ گنهگار ۽ بدڪردار شخص جي بخشش جو ذريعو تعظيمِ مصطفيٰ ئي بڻجي.
- ❖ **صحابه ڪرام** عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ۾ **تعظيمِ مصطفيٰ** جو تمام گهڻو جذبو هو.
- ❖ **تعظيمِ مصطفيٰ** حياتِ مبارڪ ۾ ئي نه، بلڪ رهندڙ دُنيا تائين اچڻ واري هر مسلمان تي لازم آهي.



www.dawateislami.net

❖ مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان عشق و محبت ۽ هر معاملي ۾ سندن صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو بي حد اَدب اِيمان ۾ اِضافي جو سبب ۽ اِيمان جي جڙ آهي.

❖ ڪنهن بادشاهه جي اُن جي قوم ۾ اهڙي شان وشوڪت ۽ قَدَر و مَنۡزِلت نہ ڏني وئي، جهڙي شان، محبوبِ رحمٰن، محمد (حضرت) (مصطفيٰ) صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي، سندن صحابہ (عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان) ۾ ڏني وئي.

❖ حُضُور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان نسبت رکڻ واري آل و اَصۡحاب و اَزۡواج ، اَوۡلاد، تَبَرُّڪات ۽ پاڻ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذِڪرِ اَقۡدس جي بہ تعظيم ضروري آهي.

❖ تعظيمِ مُصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو تقاضو هي بہ آهي تہ سندن سان مَنۡسُوب (نسبت رکندڙ) هر مُبارَڪ شيء جي تعظيم ڪئي وڃي.

❖ عاشقانِ رسول جَشنِ عيد ميلادُ النَّبي بہ وڏي ڌُوم ڌام سان مَلهائيندا آهن، ڇو جو هي ڏينهن حُضُور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان نسبت جي سبب عظمت وارو آهي.

❖ اسان کي بہ گهرجي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو جَشن مَلهائي ڪري، رَبّ عَزَّوَجَلَّ جي رِضا حاصل ڪريون، اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جون بي شُمار رحمتون ۽ برڪتون حاصل ٿينديون.

## مجلسِ تراجم!

اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغِ قرآن وسُنَّت جي عالمگير غير سِياسي تحريڪ، دعوتِ اسلامي پوري دُنيا ۾ عشقِ رسول جي شمع روشن ڪرڻ ۽ نيڪي جي



www.dawateislami.net

دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ مختلف شُعبہ جات جي ذريعي دينِ مَتين جي خدمت ۾ مصروفِ عمل آهي، اِنهي شُعَبن مان هڪ شعبو ”مجلسِ تَراجِم“ بہ آهي، جيڪو اميرِ اهلسُنَّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه ۽ مڪتبةُ المدينہ جي ڪتُب و رَسائل جو مُختلف زَبانن ۾ تَرجمو ڪرڻ جي خِدَمت سَر اَنجام ڏئي رهيو آهي تہ جيئن اُردو پڙهڻ وارن سان گڏوگڏ دُنيا جي ٻيون زبانون ڳالهائڻ وارا ڪروڙين ماڻهو بہ فيض ياب ٿي سگهن ۽ ان جو بہ هي مدني ذِهَن بڻجي وڃي تہ مون کي پنهنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي. اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ. تمام ٿوري عرصي ۾ هن وقت تائين ان مجلس جي تحت دُنيا جي مختلف زَبانن ۾ شيخِ طريقت، اميرِ اَهلسُنَّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جون تمام گهڻيون تَصانيف ۽ مڪتبةُ المدينہ جي ڪتُب ۽ رَسائل جو تَرجمو ٿي چُڪو آهي. اسان کي بہ گهرجي تہ مڪتبةُ المدينہ جي ڪتُب ۽ رَسائل جو خُود بہ مُطالَعو ڪريون ۽ پنهنجن دوستن ۽ اَحبابن کي بہ پڙهڻ جي ترغيب ڏياريون، تقسيم جو سلسلو بہ جاري رکون ۽ ٿي سگهي تہ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي نيت سان تحفن ۾ ڪتاب ۽ رسالا ڏيندا رهون.

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تیری دُھوم مچی ہو

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ٻارنهن مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم هفتيوار مدني مذاڪرو:

اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغِ قرآن و سُنَّت جي عالمگير غير سِياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جو مُشڪبار مدني ماحول چڱي صُحبت فَراهَم ڪري ٿو، ان جي



www.dawateislami.net

برڪت سان لکين ماڻهون گُناهن ڀري زِندگي کان تائب ٿي ڪري نيڪين ڀري زِندگي گُذاري رهيا آهن. توهان بہ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ ذيلي حلقي جي ٻارنهن مَدَني ڪمن ۾ حصّو وٺو. ذيلي حلقي جي ٻارنهن مَدَني ڪمن مان هفتيوار هڪ مَدَني ڪم ”مَدَني مذاڪري“ ۾ اَوّل تا آخر شرڪت بہ آهي. مَدَني مذاڪري جي تہ ڇا ڳالهہ ڪجي جو ان ۾ شيخِ طريقت، اميرِ اَهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کان ٿيندڙ مُختلف سُوالن جا دِلچسپ جوابن جي صُورت ۾ عِلمِ دِين حاصل ٿيندو آهي ۽ علمِ دِين جي فضيلت ۾ اچي ٿو تہ حضرت سَيدُنا اَبُوذَر غفاري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: حضورِ پُرنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مون کي ارشاد فرمايو: اياَبوذر! (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ) تنهنجو ان حال ۾ صُبح ڪرڻ جو تو الله عَزَّوَجَلَّ جي ڪتاب مان هڪ آيت سکي هجي، هي تنهنجي لاءِ 100 رڪعت نفل پڙهڻ کان بهتر آهي ۽ تنهنجو ان حال ۾ صبح ڪرڻ جو تو علم جو هڪ باب سکيو هجي، جنهن تي عمل ڪيو ويو هجي يا نہ ڪيو ويو هجي، تہ هي تنهنجي لاءِ 1000 رڪعت نفل پڙهڻ کان بهتر آهي. (ابن ماجه، ڪتاب السنة، ج١، ص١٤٢، حديث٢١٩)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو تہ، هٿو هٿ نيت ڪريون تہ اسان بہ هر هفتي مَدَني مُذاڪري ۾ اَوَّل تا آخر شرڪت کي يقيني بڻائينداسين ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ مدني مُذاڪري ۾ شرڪت جي دعوت ڏيندا رهنداسين، اِنْ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ خُوب خُوب برڪتون حاصل ٿينديون. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪيترائي اسلامي ڀائر مدني مُذاڪري جي برڪت سان پنهنجي گُناهن ڀري زِندگي کان توبهہ ڪري چڪا آهن. اچو تہ! ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻُڌون ٿا. جيئن تہ



www.dawateislami.net

## مون گُناهن کان توبه ڪري ورتي!

واھ ڪينٽ (پنجاب،پاڪستان) جي اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي ته ڪيترن ئي نوجوانن وانگر آئون به ڪيترن ئي اَخلاقي بُرائين ۾ مبُتلا هئس. فلمون ڊراما ڏسڻ، راند روند ۾ وَقت برباد ڪرڻ منهنجو محبوب مَشْغَلو هو. گهر ۾ مدني چينل هلڻ جي برڪت سان مدني مُذاڪرو ڏسڻ جي سَعادت نصيب ٿي، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ پوين گُناهن کان تائب ٿي ڪري فرائض ۽ واجبات جو عامِل بڻجي ويس، چهري تي هڪ مُٺ ڏاڙهي شريف سجائي ورتي آهي ۽ مدني حُليو به اَپنائي ورتو آهي،اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو مزيد ڪرم هي ٿيو آهي ته والِدَين بخوشي مون کي ”وقفِ مدينه“ ڪري ڇڏيو آهي.

## مسواڪ جون سُنتون ۽ آداب

اچو ته! شيخِ طريقت، اميرِ اهلسُنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”163 مدني گُل“ مان مِسواڪ جون سُنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظ فرمايو: ۞ ٻه رڪعتون مسواڪ (يعني ڏندڻ) ڪري پڙهڻ بغير مِسواڪ جي 70 رڪعتن کان افضل آهن . (الترغيب والترهيب ج 1 ص 102 حديث 18) ۞ مسواڪ پيلو يا زيتون يا نم وغيره جي ڪَوڙي ڪاٺي هجي ۞ مسواڪ جي ٿولهه چيچ جي برابر هجي ۞ ڏندڻ هڪ گرانٺ کان ڊگهو نه هجي نه ته ان تي شيطان ويهندو آهي ۞ ان جا تاندورا نرم هجن جو سخت تاندورا ڏندن ۽ مهارن جي وچ ۾ وٿي (Gap) جو سبب بڻجندا آهن ۞ مسواڪ تازو هجي ته سٺو نه ته ڪجهه دير پاڻي جي گلاس ۾ پسائي نرم ڪري ڇڏيو ۞ ان جا تاندورا روزانو ڪٽيندا رهو جو تاندورا ان وقت تائين ڪم جا آهن



www.dawateislami.net

جيستائين انهن ۾ ڪوڙاڻ باقي آهي ۞ ڏندن جي ويڪر ۾ ڏندڻ ڪريو ۞ جڏهن بہ ڏندڻ ڪرٽو ٿي وڃي تہ گهٽ ۾ گهٽ ٽي پيرا ڪريو ۞ هر پيري ڌوئي ڇڏيو ۞ ڏندڻ ساڄي هٿ ۾ اهڙي طرح ڪٽو جو چيچ ان جي هيٺان ۽ وچ واريون ٽي آڱريون مٿان ۽ آڱوٺو چيڙي تي هجي ۞ پهريان ساڄي طرف ڪان مٿين ڏندن تي ۽ پوءِ کابي طرف کان هيٺين ڏندن تي ڏندڻ ڪريو ۞ مسواڪ مٺ ۾ بند ڪري ڪرڻ سان بواسير ٿيڻ جو انديشو آهي ۞ ڏندڻ ڪرڻ وضو ۾ سنّت قَبليہ (وضو کان پهريان ادا ڪئي ويندڙ سنّتن مان) آهي البت سنّت مؤڪَّدَہ ان وقت آهي جڏهن وات ۾ بدبو هجي. (ماخوذ از فتاويٰ رضويہ شريف ج 1 ص 243) ۞ استعمال ٿيل ڏندڻ جا ٽاندورا گڏوگڏ خود ڏندڻ جڏهن استعمال جي قابل نہ رهي تہ اڇلايو نہ، جو هي سنّت ادا ڪرڻ جو ذريعو آهي، ڪنهن جڳهہ تي احتياط سان رکي ڇڏيو يا دفن ڪري ڇڏيو يا سمنڊ ۾ وجهي ڇڏيو.

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بہارِ شریعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتیں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪريو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

مجھ کو جذبہ دے سفر کرتا رہوں پروَردگار
سُنّتوں کی تَربِیَت کے قافِلے میں بار بار

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ ِالنَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهه معاف ڪيا ويندا.[2]

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

## (4) ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[4]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابهَ ڪرام رَضِیَاللهُ تَعَالٰی عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.[5]

---

3...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

4...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

5...القول البديع، الباب الاول، ص125



www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وٰاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[6]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وٰاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[7]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وٰاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

---

[6] … الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[7] … مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net